# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 2023
# SINDHACT NO.VIII OF 2023
# سکر آءِ بي اي يونيورسٽي (ترميم) ايڪٽ، 2021
# THE SUKKUR IBA UNIVERSITY (AMENDMENT) ACT, 2021

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2.2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act No.XXI of 2017

3.2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي دفعه 14 جي تبديلي
Substitution of section 14 of Sindh Act No.XXI of 2017

4.2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي دفعه 15 جي تبديلي
Substitution of section 15 of Sindh Act No.XXI of 2017

5.2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي دفعه 25 جي ترميم
Amendment of section 25 of Sindh Act No.XXI of 2017

6.2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي دفعه 29 جي ترميم
Amendment of section 29 of Sindh Act No.XXI of 2017

7.2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي دفعه 34 جي ترميم
Amendment of section 34 of Sindh Act No.XXI of 2017

8.2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI، پهرين قانونن، ضابطن ۽ قاعدن جي ترميم

Amendment of the Sindh Act No.XXI of 2017, the statutes, the regulations and rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 2023
# SINDHACT NO.VIII OF 2023
## سکر آءِ بي اي يونيورسٽي (ترميم) ايڪٽ، 2021
## THE SUKKUR IBA UNIVERSITY (AMENDMENT) ACT, 2021

[14 مارچ 2023]

ايڪٽ جنهن ذريعي سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ايڪٽ، 2017 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ايڪٽ، 2017 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سکر آءِ بي اي يونيورسٽي (ترميم) ايڪٽ، 2021 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act

2.سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ايڪٽ، 2017 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾، شق (v) کي ختم ڪيو ويندو.

No.XXI of 2017

3. جاڙتايل ايڪٽ ۾، دفعه 14 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي دفعه 14 جي تبديلي
Substitution of section 14 of Sindh Act No.XXI of 2017

"14. وائيس چانسلر. (1) يونيورسٽي جو هڪ وائيس چانسلر هوندو، جيڪو مشهور تعليمي قابليت رکندڙ هوندو، جيڪو مڪمل پروفيسر هوندو ۽ وڏي وزير طرفان چئن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو، جيڪو هڪ وڌيڪ مدي لاءِ وڌائي سگهجي ٿو فقط اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن وڏو وزير طئي ڪري.

(2) پروفيشنل ۽ تعليمي قابليت، تجربو ۽ وائيس چانسلر جي عهدي لاءِ عمر اهڙي هوندي جيڪا وڏي وزير طرفان طئي ڪئي ويجي.

(3) ڪنهن به وقت جڏهن وائيس چانسلر جي آفيس خالي هجي يا وائيس چانسيلر غير حاضر هجي يا بيماري سبب يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري پنهنجي آفيس جا ڪم سرانجام ڏيڻ لائق نه هجي، وڏو وزير وائيس چانسيلر جي ذميدارين جي ادائگيءَ لاءِ اهڙا انتظام ڪري سگهي ٿو.

(4) وڏو وزيروڏي بدعنواني، نااهلي، ڪرپشن، بجيٽري گنجائشن جي ڀڃڪڙي، اخلاقي پستي، بدانتظامي ۽ بي قاعدگي جي الزامن جي صورت ۾ تصديق ٿيل جاچ ڪميٽي جي بنياد تي اهڙي

برطرفي خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موقعو ڏيڻ بعد وائيس چانسلر کي هٽائي سگهي ٿو.

(5)وائيس چانسيلر وڏي وزير جي اجازت سان يا وڏي وزير طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن ٻي اٿارٽي جي اجازت سان موڪل ڪري سگهي ٿو.”.

2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI جي دفعه 15 جي تبديلي
Substitution of section 15 of Sindh Act No.XXI of 2017

4.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 15 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

“15.وائيس چانسلر جا اختيار ۽ ذميداريون. (1) وائيس چانسلر يونيورسٽي جو مک ايگزيڪيوٽو ۽ اڪيڊمڪ آفيسر هوندو، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن ۽ قاعدن کي ايمانداريءَ سان نظر رکندو ته جيئن يونيورسٽي جي عام ڪارڪردگي ۽ بهتر نظام کي هٿي وٺرائي سگهي. هن کي سمورن عملدارن، استادن ۽ يونيورسٽي جي ٻين ملازمن تي انتظامي ضابطي سميت سمورا ضروري اختيار حاصل هوندا.

(2) چانسلر ۽ پرو چانسلر جي غير حاضري ۾ وائيس چانسلر يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۽ سينيٽ جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو ۽ جيڪڏهن حاضر هجن، انهن اٿارٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو، جن جو اهو چيئرمين آهي ۽ ڪنهن ٻي اٿارٽي يا يونيورسٽي جي باڊي جي صدارت ڪري سگهندو.

(3)وائيس چانسلر ايمرجنسي ۾، جيڪا

سندس خيال ۾ تڪڙو قدم ګهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيڪو اهو ضروري سمجهي ۽ ان کان فوري پوءِ جيترو جلدي ٿي سگهي پنهنجي قدم بابت عملدار، اٿارٽي يا ٻي باڊي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي عام حالت ۾ ان معاملي کي منهن ڏيڻو هيو.

(4)وائيس چانسلر کي اهي پڻ اختيار هوندا تہ:

(i) عارضي آسامين پيدا ڪرڻ ۽ ڀرڻ جن جو مدو ڇهہ مهينن کان وڌيڪ نہ هوندو؛

(ii)منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سمورا خرچ جاري ڪرڻ ۽ خرچ جي ساڳئي ميجر هيڊ اندر فنڊز ٻيهر ترتيب ڏيڻ؛

(iii)بجيٽ ۾ نہ ڄاڻايل غير متوقع آئٽم لاءِ ٻيهر ترتيب ڏيڻ ذريعي رقم جاري ڪرڻ جيڪا ٻہ سئو هزار رپين کان وڌيڪ نہ هوندو ۽ ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ سنڊيڪيٽ کي رپورٽ ڪرڻ؛

(iv)لاڳاپيل اٿارٽيز کان نالن جا پينلز ملڻ کانپوءِ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرز ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(v)پيپرز، مارڪس ۽ نتيجن جي اسڪروٽني لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ، جيڪي اهو ضروري سمجهي؛

(vi)يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽

ٻين ملازمن کي يونيورسٽي ۾ تدريس، تحقيق، امتحانن، انتظامن سان لاڳاپيل اهڙا اسائنمينٽس کڻڻ ۽ اهڙيون ٻيون سرگرميون ڪرڻ جي هدايت ڪرڻ، جيئن اهو يونيورسٽي جي مقصد لاءِ ضروري سمجهي؛

(vii)هن ايڪٽ تحت پنهنجا ڪي ٻه اختيار، اهڙين شرطن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، ڪنهن عملدار يا يونيورسٽي جي عملدارن کي منتقل ڪرڻ؛

(viii)يونيورسٽي ۾ امتحان جي سسٽم تي عام ضابطو رکڻ ۽ نگراني ڪرڻ؛

(ix)اهڙين ڪيٽيگريز جا ملازم مقرر ڪرڻ، جن جي سلسلي ۾ سنڊيڪيٽ طرفان ڪيس اختيار منتقل ڪيا ويا هجن؛

(x)اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽

(xi)16 گريڊ تائين بنيادي پي اسڪيلز جي سمورن گريڊز جي عهدن ۾ مقرريون ڪرڻ.”.

| | |
|---|---|
| 5.جاٽايل ايڪٽ جي دفعه 25 جي ذيلي دفعه (1) ۾، شق (d) | 2017 جي سنڌ |

| | |
|---|---|
| سنڌ جي 2017 ايڪٽ نمبر XXI جي دفعہ 25 جي ترميم Amendment of section 25 of Sindh Act No.XXI of 2017 | ڪانپوءِ هيٺيون نيون شقون شامل ڪيون وينديون:<br>"(d_i) سيڪريٽري يونيورسٽيز ۽ بورڊز ڊپارٽمينٽ يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو.<br>(d_ii) سيڪريٽري سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن يا سندس نمائندو جيڪو بي پي ايس 19 جي آفيسر جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو." |
| سنڌ جي 2017 ايڪٽ نمبر XXI جي دفعہ 29 جي ترميم Amendment of section 29 of Sindh Act No.XXI of 2017 | 6.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 29 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ شق (n) کي ختم ڪيو ويندو. |
| سنڌ جي 2017 ايڪٽ نمبر XXI جي دفعہ 34 جي ترميم Amendment of section 34 of Sindh Act No.XXI of 2017 | 7.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 34 ۾ ذيلي دفعہ (5) ڪانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:<br>"(5_A) ڊائريڪٽر فنانس ۽ ريزيڊنٽ آڊيٽر طرفان صحيح ڪيل يونيورسٽي جي اڪائونٽس جو ساليانو اسٽيٽمينٽ مالي سال ختم ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر حڪومت کي جمع ڪرايو ويندو." |

| | |
|---|---|
| 8.سڀني ايڪٽ، قانونن، ضابطن ۽ قاعدن ۾، لفظ "خزانچي" جتي به اچي، لفظ "ڊائريڪٽر فنانس" متبادل هوندا. | 2017 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXI، پهرين قانونن، ضابطن ۽ قاعدن جي ترميم Amendment of the Sindh Act No.XXI of 2017, the statutes, the regulations and rules |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**